# امريڪي صدر جانسن جو صدر ايوب ڏانهن خط

## سنڌيڪار: گل حسن ڪوسو

---

1965ع جي جنگ ڪانپوءِ تاشقند ۾ پاڪستان ۽ ڀارت ۾ ٿيل معاهدي تي ناراض ٿي، ان وقت جي ايوب سرڪار جي پرڏيهي وزير ذوالفقار علي ڀٽي حڪومت کان الڳ ٿيڻ جو اعلان ڪيو ۽ ان کان پوءِ پنهنجي تقريرن ۾ ”تاشقند جو راز“ پنهنجي سيني ۾ هئڻ جي دعويٰ ڪرڻ لڳو. جناب ذوالفقار علي ڀٽي ته اهو راز عوام آڏو ظاهر نه ڪيو پر تاشقند راز تان ڪنهن حد تائين پردو ان امريڪي قانون کنيو آهي، جنهن قانون تحت سمورا ڳجها دستاويز پنجويهن سالن جي عرصي گذرڻ ڪانپوءِ سيڪريٽ جي زمري ۾ نه ايندا.

صدر ايوب پاران پشاور ويجهو خفيه امريڪي اڏي جي خاتمي جي اعلان کان پوءِ 1968ع ۾ تڏهوڪي امريڪي صدر لنڊن بي جانسن صدر ايوب کي هڪ خط لکيو، اهو خط روئيداد خان جي مرتب ڪيل ڪتاب ”امريڪن پيپرز“ تان ترجمو ڪري، هيٺ پيش ڪجي ٿو ته جيئن پڙهندڙن کي سٺ جي ڏهاڪي جي آخري سالن ۾ پاڪستان ۾ سياسي حوالي سان آيل لاهين چاڙهين ۽ اٿلن پٿلن جي سببن جي صحيح ڄاڻ ملي سگهي. (سنڌيڪار)

# پاڪستان ۾ مقرر آمريڪي سفير لاءِ ٽيليگرام

---

ڏانهن: آمريڪي سفارتخانو راولپنڊي!

صدر جانسن جو هيٺيون خط صدر ايوب کي بنا دير پهچايو وڃي.

جناب صدر صاحب!

ايمانداري ۽ هجت جي روح سان جيڪو اسان جي لاڳاپن جي دل ۾ سدائين رهيو آهي، آئون سمجهان ٿو ته آئون پشاور وٽ اسان کي حاصل

مواصلاتي سهوليتن تي توهان جي سرڪار جي رويي بابت سفير اوهلرٽ جي گذريل ڪجهه هفتن دوران موڪليل رپورٽن تي پنهنجا ويچار توهان سان ونڊيان. مون هاڻي تائين توهان کي ذاتي طور لکڻ ۾ دير ڪئي، ڇو ته مون کي اميد هئي ته ڪو گڏيل مجڻ جوڳو حل نڪري ايندو.

ٻنهي سرڪارن وچ ۾ ڪنهن بحث کان اڳ پشاور وٽ اسان کي مليل سهوليتن تي توهان جي سرڪار جي عوامي سطح تي ڪيل اعلانن تي مون کي تمام گهڻي حيرت ٿي آهي. اهو ڄاڻي مون کي پريشاني ٿي ته توهان جي سرڪار جو اهو قدم ٿي سگهي ٿو ته ٻي طاقت جي ڌمڪين ۽ مطالبن سبب هجي.

مون سوچيو ته توهان ۽ مون ڳالهه ٻولهه ڪئي هئي ته اسان جو پنهنجو تحفظ توڙي ٻين گهڻين قومن جو تحفظ پشاور ۾ اسان کي حاصل سهوليتن برقرار رکڻ لاءِ اسان جي سهڪار سبب هو، جيئن توهان ڄاڻو ٿا ته ٻين جي ارادن ۽ صلاحيتن بابت صحيح فني ۽ سائنسي ڄاڻ، دنيا جي اڄوڪي غير يقيني واري صورتحال ۾ سگهارو عنصر ٿي سگهي ٿي.

تمام گهڻي هجت سان ته مون کي توهان جي سرڪار جا قدم اسان جي ملڪن جي وچ ۾ تمام گهڻن سالن کان قائم ويجهن لاڳاپن لاءِ مناسب نه ٿا لڳن ۽ اهي ويجها لاڳاپا اسان جي پاڪستان کي ڏنل ساڌا ٿي ارب ڊالرن کان وڌيڪ جي امداد مان ظاهر آهن.

آئون مڃان ٿو ته 1959ع جو مواصلات بابت معاهدو ختم ڪرڻ تي توهان حق تي هوندا، پر آئون اميد ڪريان ٿو ته هاڻي ٻه توهان پنهنجي فيصلي تي ٻيهر ويچاريندا. آئون توهان کي ٿورن لفظن ۾ اهو ٻه ٻڌايان ته پشاور وٽ اسان کي حاصل سهوليتن جي جولائي 1969ع ۾ ٿيندڙ خاتمي جي ڳالهين اسان لاءِ وڏا مسئلا پيدا ڪيا آهن.

ان حوالي سان، آئون توهان کي اهو ٻڌايان ٿو ته ان جا ڪجهه حصا نسبتن سولائي سان هٽائي سگهجن ٿا، ٻيا هٽائڻ ۾ ڪجهه وقت وٺندا. انهن کي تڪڙي هٽائڻ جي نتيجي ۾ اسان جي هڪ ٻئي جي ارادن سمجهڻ ۾ وڏو خال پيدا ٿي سگهي ٿو ۽ ان سان تحفظ جو احساس گهٽبو، جنهن لاءِ اسان ٻئي پتوڙيون پيا.

جيڪڏهن تنهن هوندي بہ، توهان پنهنجي فيصلي تي قائم آهيو تہ پوءِ آئون اميد ڪندس تہ توهان اسان جي نمائندن کي ان حوالي سان بندوبستن تي ڳالهين جي ضرور اجازت ڏيندا، جنهن تحت ان حاصل سهوليتن جا مختلف حصا بند ڪري ۽ هٽائي سگهجن، پر اهو سڀ ڪجهہ 17 جولاءِ 1969ع واري سهوليتن ختم ڪرڻ لاءِ ڏنل تاريخ کان پوءِ واري عرصي دوران ترتيبوار طريقي سان ڪري سگهبو. مون سفير اوهلرٽ کي چيو آهي تہ منهنجا هي ويچار توهان تائين پهچائي ۽ ويجهڙ ۾ انهن سيني کي مڪمل بحث هيٺ آڻڻ لاءِ تيار رهي.

آئون توهان کان اها حقيقت نہ ٿو لڪائي سگهان تہ پشاور وٽ اسان کي حاصل سهوليتن جو خاتمو اسان جي گڏيل مفادن کي وڏو ڌڪو هوندو، پر آئون سمجهان ٿو تہ جيڪڏهن اسان اهڙن بندوبستن تي راضي ٿي سگهون، جيڪي سهوليتن جي خاتمي لاءِ مناسب عرصي جي اجازت ڏين، تہ اها ڳالهہ مٿين بيان ڪيل اثر کي گهٽائيندي. اهڙا بندوبست جيڪڏهن ٻنهي طرفن طرفان نيڪ نيتي سان ڪبا تہ مٿا سٿا مڪمل ڪرڻ ۾ سولائي ٿيندي. پراڻا دوست! آئون نہ ٿو سمجهان تہ ايترو پچڻ ئي ڪافي آهي.

□

سنڌي عوامي برقي - ڪتاب
Sindhi Awami e-Books